# نگاہِ غوثِ اعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ

16-November-2021



## اجتماعِ غوثیہ جو بیان

(For Islamic Brothers)

اجتماعِ غوثيه جو بيان (متوقع 16 نومبر 2021ء)

# نِگاهِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه

**هن بيان ۾ اوهان چاڻي سگندؤ**

✿...غوثِ پاڪ مقامِ ولايت طئي ڪرڻ ۾ مدد ڪئي

✿...شانِ اولياءِ ڪرام بابت پنج قرآني آيتون

✿...نگاهِ غوث پاڪ جون 4 برڪتون

✿...نگاهِ غوثِ پاڪ حاصِل ڪرڻ جا طريقا

پيشڪش
**مجلس اَلمَدِيْنَةُ العِلمِية**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(ترجمو:مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو! نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف جي معني آهي: مون سنّت اعتڪاف جي نيّت ڪئي. نيّت دل جي ارادي کي چئبو آهي، جڏهن به مسجد ۾ حاضر ٿيو، هر ڀيري دل ۾ ارادو رکي عربي، سنڌي يا ڪنهن به ٻولي ۾ اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺڻ گهرجي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفلي اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره ڪم شرعاً جائز ناهن، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ اهي ڪم بہ جائِز ٿي ويندا.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

**صحابيءِ رسول حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري جو واقعو آهي تہ صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور واري چهري تي خوشي جا آثار هئا، صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي تہ: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ**

وَسَلَّم! اوهان جو اُمَّتِي اوهان تي هڪ دُرود پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گُنَاه مٽائيندس، 10 درجات بلند ڪندس ۽ ايتري ئي رحمت موڪليندس.[1]

اُن پر دُرود جن کو کس بے کساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکندڙ آهن، ان تي دَرُود ۽ سلام هجن.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيت تي آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! چڱي نيت جنت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي. هر نيڪ ۽ جائز ڪم کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺندا ڪريو! ائين ڪرڻ سبب عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجهه سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مان نيتون ڪرايان ٿو، جيڪڏهن توهان پنهنجي دل ۾ ارادو لهو ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!جيئي ڪري اظهار فرمايو. ۞ عِلَم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ۞ علمِ دين جو ادب ڪندي باادب ويهندس۞ بيان جا اهم نڪتا لکي وٺندس ۞ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهيون، گهر وڃي

---

1...مُسْنَدِ اَحْمد، جلد:5، صفحه:509، حديث:16352۔

2...حدائقِ بخشش، صفحه:209۔

3...بخاری، کتاب:بَدءُ الوَحی، صفحه:65، حديث:1۔

گھروارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي علمِ دين ڦھلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مقامِ وِلايت طئي ڪرڻ ۾ اِمداد

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت پِير سَيد مِهر علي شاھ صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پاڪستان جي مشھور و معروف شخصيت آھن، گولڙه شريف (راولپنڊي) جا رھائشي ھئا، سَيد زاده بہ ھئا، تمام زبردست عالِمِ دين بہ ھئا، ڪامِل وليُّ اللّٰه بہ ھئا.

1925ء ۾ جڏھن پِير مِھر علي شاھ صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ تقريباً 66 سال جي ٿي، ان عرصي ۾ سندن تي ھڪ روحاني ڪيفيت طارِي رھندي ھئي، اڪيلائي ۾ ھجن يا ماڻھن جي وچ ۾ ھر وقت بَس خاموش رھندا ھئا، ٿوري ٿوري دير ڪان بعد ھڪ ٿڌو ساھ ڪٽي مٿو مبارڪ مٿي ڪڻندا ھا، چھري مبارڪ جو رنگ ڪڏھن ڦڪو ٿي ويندو ھو ڪڏھن ڳاڙھو. عادت مطابق ڪلاڪ بہ ڪلاڪ جي لاءِ ماڻھن جي وچ ۾ ايندا ھا پر محفل تي خاموشي طارِي رھندي ھئي، سندن مُرِيد ۽ چاھيندڙ ڪيئي ڀيرا سندن جي اھا حالت ڏسي روئڻ لڳندا ھا پر پِير مِھر علي شاھ صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي اھا ئي ڪيفيت بدستور رھندي ھئي.

انھيء زماني ۾ ملتان شريف جي رھواسي ھڪ سَيد صاحب کي خواب ۾ شھنشاھ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي زيارت نصيب ٿي، حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پِير مِھر علي شاھ صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ان ڪيفيت بابت تسلي ڏيندي فرمايائون: مِھر علي وِلايت جو ھڪ خاص مقام طَئي ڪري رھيا آھن، ھن مقام کي طَئي ڪرڻ مھل مشائخ (يعني اَولياءِ ڪرام) جي بہ امداد ناھي پھچندي پر ھن مرحلي ۾ بہ ھڪ صاحِب (يعني خُود حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه)

برابر اُنهن جي مدد ۽ رهنمائي ڪري رهيا آهن.[1]

وہ رُتبہ ترا ہے کہ جتنے ولی ہیں | سبھی تیرے زیرِ قدم غوثِ اعظم

سُبحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! اهي آهن حُضُور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه...! غور فرمايو! اَولياءِ ڪرام اهي عظيم هستيون آهن جو ماڻهن کي ڪا مشڪل پيش ايندي آهي، ڪا پريشاني پهچندي آهي ته ماڻهو اَولياءِ ڪرام جي دَر تي حاضِر ٿيندا آهن، مشڪلاتون حل ڪرائيندا آهن، پر ان شان و عظمت جي، ان مقام ۽ مرتبي تي قربان جو جڏهن اَولياءِ ڪرام کي مشڪل پيش ايندي آهي ته انهن جي اِمداد جي لاءِ، انهن جي رهنمائي جي لاءِ پِيرانِ پِير، پِير دستگير، ولين جا ولي، غوثِ جَلي، شهنشاه بغداد، حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪرم فرمائيندا آهن.

خبر پئي ته سرڪار غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو روحاني تَوَجُّه، سندن نِگاه ڪرم اها نگاه آهي جو وڏا وڏا ولي سڀَورا به سندن ان نگاهِ ڪرم جا محتاج آهن. سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

تُو ہے وہ غوث کہ ہر غوث ہے شیدا تیرا | تُو ہے وہ غَیث کہ ہر غَیث ہے پیاسا تیرا[2]

**وضاحت:** يعني اي اسان جا پيارا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه! اوهان اهي غَوث، اهي مددگار آهيو جو سڀني زماني جا غَوث، زماني جا مددگار اوهان جا عاشِق، اوهان جا چاهيندڙ آهن ۽ اوهان برسات جا اهي پاڻي آهيو جو خُود برسات ان جي اُڃايل آهي.

هڪ ٻي هنڌ تي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

کوئی سالک ہے یا واصل ہے یاغوث! | وہ کچھ بھی ہو ترا سائل ہے یاغوث!

---

[1]...مِہرِ منیر، صفحہ:324۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:23۔

**وضاحت**: اي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه! ڪو ٻانهو وِلايت جي راهه جو مُسَافِر هجي يا وِلايت جي بُلند مقام تي پهتل هجي، مطلب تہ ڪو ڪنهن مقام تي بہ هجي، پر اوهان جي دَر جو ئي سُوالي آهي.

ڪاش! اسان گنهگارن کي بہ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ نِگاهہ ڪرم نصيب ٿي وڃي تہ يقين مڃو! بگڙيل ڪم ٺهي پون.

| | |
|---|---|
| ادھر بھی نِگاہِ کرم غوثِ اعظم | کرو دُور رَنج و اَلم غوثِ اعظم |
| ہے گردن میں تیری غُلامی کا پٹہ | تجھی سے ہے میرا بھرم غوثِ اعظم |
| ترا ہوں میں تیرا، مرے اس کہے کا | سرِ حشر رکھنا بھرم غوثِ اعظم |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شانِ اَولياءِ ڪرام ۾ پنج قرآني آيتون

سيپاري: 29، سوره مُرسَلات جي شروع واري پنج آيتن ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا ۙ﴿۱﴾ فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ۙ﴿۲﴾ وَّالنّٰشِرٰتِ نَشْرًا ۙ﴿۳﴾ فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ۙ﴿۴﴾ فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ۙ﴿۵﴾ (پاره:29، سورة مرسلات:1-5) | ترجمو: قسم انهن جو جيڪي لڳاتار موڪليون وينديون آهن. پوءِ انهن جو جيڪي نهايت تيز هلڻ واريون آهن. ۽ خوب پکيڙڻ وارين جو. پوءِ خوب جدا ڪرڻ وارين جو. پوءِ ذڪر جو القاء ڪرڻ وارين جو. |

اهي پنج آيتون آهن، انهن ۾ الله پاڪ پنج شين جو قسم ارشاد فرمايو آهي: (1): مُرسَلات (جيڪي لڳاتار موڪليون وينديون آهن) (2): عَاصِفَات

(جيڪي تيز هلن ٿيون) (3): نَاشِرَات (جيڪي خوب پکيڙين ٿيون) (4): فَارِقَات (جيڪي خوب جُدا ڪرڻ واريون آهن) (5):مُلْقِيَات (جيڪي ذِڪر القا ڪرڻ واريون آهن)

اهي 5 شيون ڇا آهن؟ اهي ڇا جون وصفون آهن؟ هن باري ۾ مُفَسّر سڳورن جا مختلف قول آهن، هڪ قول اهو آهي تہ اهي پنجئي اولياء ڪرام جون صِفتون آهن.[1] هن قول جي مطابق انهن آيتن جي معني ڇا ٿيندي؟ هن ڪي مشهور مُفَسّر قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "مواعِظِ نعيميہ" ۾ تفصيل سان لکيو آهي، اچو! هن جو خُلاصو پڙهون ٿا:

**(1):** وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا (قسم انهن جو جيڪي لڳاتار موڪليون ويندِيون آهن.) يعني اَولياءِ ڪرام جي اُنهن جماعتن جو قسم جيڪي قيامت تائين لاڳيتو موڪليون پيون وينديون.

معلوم ٿيو: نبوت جيتوڻيڪ ختم ٿي چڪي آهي، اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آخري نبي بڻجي تشريف فرما ٿي چڪا، هاڻي قيامت تائين ڪو بہ نبي نہ ايندو، البت اَولياءِ ڪرام قيامت تائين ايندا رهندا.[2]

**(2):** فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا (پوءِ انهن جو جيڪي نهايت تيز هلڻ واريون آهن.) يعني انهن اَولياءِ ڪرام جو اهو شان آهي جو اهي دِلين جو مَر مٽي، گُنَاهن جي ڪاراڻ وغيره ائين پري ڪندا آهن جيئن هوا جا تيز جهوٽا زمين تان گند ڪچرو پري ڪندا آهن، اَولياءِ ڪرام جي نگاھِ فيض سان عقيدي جي گندگي

---

[1]…تفسير روح المعانى، پاره:29، سورة مرسلات، جلد:15، جزء:29، صفحہ:264
تفسير بيضاوى، پاره:29، سورة مرسلات، جلد:8، صفحہ:296۔
[2]…مواعظِ نعيميہ، صفحہ:210-211خلاصةً۔

پري ٿيندي آهي، اخلاقي گندگيون پري ٿينديون آهن، گُناهن جون گندگيون پري ٿينديون آهن، ڪردار سترو ۽ باطِن چمڪدار ٿيندو آهي، اهڙي طرح اَولياءِ ڪرام جي نگاهه سان ظاهري جسم جون بيماريون، ڏُک، دَرد، پريشانيون بہ ختم ٿينديون آهن.

(3): وَّالنّٰشِرٰتِ نَشْرًا ۙ﴿۳﴾ (۽ خوب پکيڙڻ وارين جو.) يعني انهن اَولياءِ ڪرام جو اهو شان آهي جو اهي جنهن پاسي نگاهه فيض ڪٽن تہ ان پاسي حق جي هاڪ وڏڻ لڳندي آهي، اهي جيڏانهن توجُّهه ڪن، ان پاسي اسلام جو پرچم بُلند ڪري ڇڏيندا آهن، سُنّتن جي بهار اچي ويندي آهي، ڪافِر ڪلمو پڙهي ايمان جي دولت سان مالا مال ٿيندا آهن ۽ ايمان وارن کي ايمان جي حلاوت، ايمان جي نورانيت نصيب ٿيندي آهي ۽ اَولياءِ ڪرام جي برڪت سان انسان اَنوار جو گلدستو بڻجي ويندو آهي.

(4): فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ۙ﴿۴﴾ (پوءِ خوب جدا ڪرڻ وارين جو.) يعني اَولياءِ ڪرام جي اها مبارڪ جماعت حق ۽ باطِل ۾ فرق ڪرڻ واري آهي، اَوَّل تہ اَولياءِ ڪرام جي ذات ئي اها ذات آهي جو ان سان حق ۽ باطل ۾ فرق ٿيندو آهي، ڏسو! حديثِ قُدسي ۾ آهي: مَنْ عَادٰى لِيْ وَلِيًّا اٰذَنْتُهٗ بِالْحَرْبِ جيڪو منهنجي ڪنهن ولي سان دُشمني رکي، مان ان سان جنگ جو اعلان ڪيان ٿو. معلوم ٿيو اَولياءِ ڪرام جو وُجُود حق ۽ باطِل ۾ فرق ڪندڙ آهي، اهو ڪيئن؟ هن طرح جو جيڪو هنن سان محبت رکندڙ آهي، يقيناً اهو حق جي راهه تي آهي ۽ جيڪو هنن سان دُشمني رکندڙ آهي، اهو هرگز حق جي راهه تي نٿو ٿي سگهي جو ان کي تہ الله پاڪ اعلانِ جنگ ڏنو آهي ۽ جنهن کي الله پاڪ اعلانِ جنگ ڏئي، اهو ڀلا ڪيئن جنّت واري راهه تي ٿي سگهي ٿو. لهٰذا اَولياءِ ڪرام جو وُجُود ئي حق ۽ باطِل ۾ فرق ڪندڙ آهي. پوءِ اَولياءِ ڪرام جو اهو شان هوندو آهي جو اهي

جيڏانهن ويندا آهن، جنهن پاسي نگاهه ڪندا آهن، حق جو شان اعلٰي ڪري، باطِل جو مُنهن ڪارو ڪري حق ۽ باطِل جي وچ ۾ فرق ڪندا آهن.[1]

(5): فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ۙ (پوءِ ذڪر جو القاء ڪرڻ وارين جو.) يعني اَولياءِ ڪرام اهي آهن جيڪي دِلين کي ذِڪرِ اِلٰهي سان سينگاريندا آهن، اَولياءِ ڪرام جي توجهه، انهن جي نگاهِ ڪرم مِلي وڃي تہ ذِڪرُ الله صِرف زبان تي ناهي رهندو بلڪ دِل ۾ لهي ويندو آهي، پوءِ ٻانهي کي نمازن ۾ سُرور اچڻ لڳندو آهي، تِلاوت ۾ سُرور اچڻ لڳندو آهي، گُنَاهن کان نفرت ٿي ويندي آهي ۽ نيڪين ۾ دِل لڳي ويندي آهي.[2]

طيبہ سے منگائی جاتی ہے، سینوں میں چھپائی جاتی ہے

توحید کی مے پیالے سے نہیں نظروں سے پلائی جاتی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي 5 آيتون آهن، مفسر سڳورن جي هڪ قول مطابق انهن ۾ اَولياءِ ڪرام جون وصفون بيان ٿيون آهن، هاڻي اچو! انهن آيتن جي روشني ۾ سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرتِ پاڪ جا ڪجهه پهلو ٻڌون ٿا:

## (1): نگاهِ غوثِ پاڪ سان ظاهرٍ ۽ باطِن جي صفائي

الله پاڪ فرمايو:

---

[1]...مواعظِ نعيميہ، صفحہ:212-215خلاصۃً۔

[2]...مواعظ نعيميہ، صفحہ:316۔

فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ۝۲ (پاره29،سورة مرسلات:2)

پوءِ انهن جو جيڪي نهايت تيز هلڻ واريون آهن.

يعني اَولياءِ ڪرام جو قسم! جيڪي پنهنجي نگاهه سان، روحاني توجهه سان دِلين جي مَر ڌوئن ٿا، بُرن عقيدن جي گندگي، بُري اخلاق جي گندگي، گُناهن جي گندگي کي ختم ڪن ٿا ۽ ظاهري بيمارين، پريشانين، ڏُک، دَرد کي به مٽائن ٿا.

## غير مسلم کي ڪلمو پڙهائي ابدال بڻائي ڇڏيو

منقول آهي ته مُلڪ شام جي هڪ ابدال جو انتقال ٿي ويو (ابدال: وِلايت جو هڪ درجو آهي، روايتن مطابق دُنيا ۾ هر وقت 40 ابدال موجود هوندا آهن، جڏهن انهن مان ڪو فوت ٿي وڃي ته ان جي جاء تي ڪنهن ٻي کي مقرر ڪيو ويندو آهي، سو مُلڪ شام جي ابدال جو انتقال ٿيو) ته سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪدم اتي ويا، دُنيا جا ٻيا ابدال به اتي پهچي ويا، سڀني گڏجي اُن جي نمازِ جنازه ادا ڪئي، نمازِ جنازه پڙهڻ کان بعد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حڪم ڏنو ته قسطنطنيه جي فُلاڻي ڪافِر کي مون وٽ آندو وڃي. اُن ڪافِر کي هڪدم حاضِر ڪيو ويو، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ڪافِر کي ڪلمو پڙهايائون، ان جو ظاهري حليو مسلمانن جيان ڪيو ۽ پنهنجي هڪ ئي نگاهِ ڪرم سان ان کي مقامِ ابدال تي پهچائي ڪري وفات ڪري وڃڻ واري ابدال جي جڳهه تي ان کي ابدال مقرر ڪري ڇڏيو.[1]

منہ لگاتا نہیں دُنیا میں جسے کوئی بھی | بالیقیں اس کے طرفدار ہیں غوثِ اعظم
کھوٹے سکے جہاں چل جاتے ہیں وہ ہے بغداد | واں نِکمّوں کے خریدار ہیں غوثِ اعظم

[1]…سيرت غوث الثقلين، صفحه:167.

ہو کرم! حسنِ عمل آہ! نہیں ہے کوئی | نہ وظائف ہیں نہ اذکار ہیں غوثِ اعظم[1]

## بداَخلاق چوڪري توبہ ڪري ورتي

حضرت ابُو حَسن قَوَّاس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن آئون ۽ مون سان گڏ ڪوڙ ساري جماعت حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت جي لاءِ روانا ٿي، اسان سيئي پنهنجي مشڪلاتن ۽ پريشانين جي حل جي لاءِ دُعا ڪرائڻ جو ارادو رکندا هئاسين، واٽ ۾ بيا ماڻهو بہ اسان سان گڏجي ويا. انهن ۾ هڪ چوڪرو هو، مان ان کي سڃاڻندو هئس، اهو وڏي بُري اَخلاق وارو هو، اڪثر ناپاڪ رهندو هو. خير! اسان سيئي بارگاهِ غوثيت ڏانهن وڃي رهيا هئاسين جو اتفاق سان حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان واٽ تي ملاقات ٿي وئي، اسان سيني اڳتي وڌي سلام ڪيو ۽ هڪ هڪ ڪري سندن هٿ مبارڪ کي چمي ڏني. هو چوڪرو جنهن جا اخلاق چڱا نہ هئا جڏهن حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هٿ کي چمي ڏيڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجو هٿ مبارڪ ان کان پري ڪري ڇڏيو، پوءِ هڪ نگاھ ان چوڪري تي وڌي، سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نگاھ مبارڪ جي تپش نہ سهندي اهو چوڪرو بيهوش ٿي ڪري پيو، جڏهن ان کي هوش آيو تہ ان هڪدم پنهنجي بُرن اخلاق کان توبہ ڪئي، پوءِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان سان هٿ ملايو.[2]

## چور کي قطب بڻائي ڇڏيائون

هڪ ڀيري غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مَدِينَہ مُنَوَّرَه کان حاضري ڏئي بغداد ڏانهن اچي رهيا هئا تہ واٽ تي هڪ شخص ڏٺائون، جيڪو اصل ۾ چور هو ۽ ان

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:560-561ملتقطاً۔

2...سيرت غوث الثقلين، صفحہ:175۔

انتظار ۾ بيٺل هو تہ ڪو اچي جو ان جو مال ڦر ڪجي. حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جڏهن اُن جي ويجهو پهتا تہ فرمايائون: توهان ڪير آهيو؟ چور ڪوڙ ڳالهائيندي چيو: مان ڳوناٺو آهيان.

اَللّٰہُ اَکۡبَرۡ! ڪوڙ ۾ اهو بہ حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي سامهون...! اها نگاهِ غوثِ اعظم آهي، ان کان ڪجھ ڳجهو ناهي رهندو. حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ نگاھ وڌي تہ ڪين خبر پئي تہ اهو شخص گنهگار آهي، هاڻي حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جن فرمايائون: مان عبد القادِر آهيان. بس ايترو ٻڌي ان چور جي دِل جي دُنيا بدلجي وئي، اهو هڪدم حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي قدمن ۾ ڪري عرض ڪرڻ لڳو: يَا سَيِّدِی عَبۡدَ الۡقَادِرِ شَيۡئًا لِلّٰهِ اي منهنجا سردار عبد القادر! خُدا جي واسطي نظرِ ڪرم ڪيو! حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي ان جي حالت تي رحم اچي ويو، پاڻ دُعا ڪئي تہ غيب مان آواز آيو: اي عبد القادر! هن چور کي سڌي واٽ ڏيکاريو! ۽ ان جي رهنمائي ڪندي ان کي قطب جي درجي تي پهچائي ڇڏيو. هاڻي حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ان چور تي نِگاهِ ڪرم وڌي ۽ ان کي ولايت جي اعليٰ درجي قطبيت تي پهچائي ڇڏيائون.(1)

عجب شان یاغوث تیری جَلی ہے | تیری نظر سے چور بنتا ولی ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوثِ پاڪ! اهو آهي نگاھ غوثِ پاڪ جو فيضان...! ڏسو! حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي نگاهِ ڪرم سان ڪيئن دِلين جو مَر پري ٿيندو آهي، سندن هڪ نِگاھ ڪرم سان چور ولي بڻجي ويندا آهن، هڪ نِگاھ ڪرم سان بُري اخلاق وارا سُڌري ويندا آهن، هڪ نِگاھ ڪرم سان گنهگارن کي توبہ جي

[1]...سيرت غوث الثقلين، صفحہ:130-131 ـ

توفيق نصيب ٿيندي آهي ۽ اهي مُعَاشري جا سنا ۽ نيڪ انسان بڻجي ويندا آهن.
هاڻي ﭘڙهو الله پاڪ جو فرمان، ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ۝۲ (پاره29،سورۃ مرسلات:2) | ترجمو: پوءِ انهن جو جيڪي نهايت تيز هلڻ واريون آهن. |

يعني اَولياءِ ڪرام اهو شان رکن ٿا جو پنهنجي نُوراني نگاهه سان، پنهنجي ڪرم ڀري نگاهه سان دِل جو مر ڀري ڪري ڇڏيندا آهن، اَخلاق ۽ ڪردار سنواري ڇڏيندا آهن ۽ گنهگارن کي نيڪ واٽ جو مُسَافِر بڻائي ڇڏيندا آهن.

## (2):نِگاهِ غوثِ پاڪ ۽ حق جو مان مٿانهون

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپاري: 29، سوره مرسلات جي آيت: 3 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَّالنّٰشِرٰتِ نَشْرًا ۝۳ | ترجمو: ۽ خوب ڦهلائڻ وارين جو. |

هن آيت جي وَضَاحت ۾ اسان ﭘڙهو ته اَولياءِ ڪرام جو اهو شان آهي ته اهي جنهن پاسي توجهه فرمائن ٿا، ان پاسي حق جو مان مٿانهون ڪندا آهن، اسلام جو پرچم بلند ڪندا آهن. هاڻي اچو! هن حوالي سان حُضُور غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي نِگاهه پاڪ جو فيضان ڏسون ٿا:

## پنج هزار ڪافِر مسلمان ٿي ويا

حُضور غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡه 521 هجري ۾ باقاعِده دَرس و بيان جو سلسلو شروع ڪيو ۽ مسلسل چاليهه سالن تائين وَعظ ۽ نصيحت ڪندا رهيا. حُضُور غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡه هفتي ۾ 3 بيان ڪندا هئا. حضرت عُمر ڪيماني رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: حُضُور غوثِ پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي ڪا محفلِ پاڪ اهڙي نه ٿيندي هئي

جو جنهن ۾ غير مسلم ڪلمو پڙهي اسلام قبول نہ ڪندا هجن يا گنهگار توبہ نہ ڪندا هجن، جڏهن بہ پاڻ بيان ڪندا ها، ان بيان سان متاثر ٿي غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيندا ها ۽ گنهگار توبہ ڪري نيڪ بڻجي ويندا ها.[1]

حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجي هٿ تي 5 هزار کان وڌيڪ ڪافِرن ڪلمو پڙهيو ۽ هڪ لک کان وڌيڪ گنهگار مسلمان توبہ ڪري نيڪ واٽ جا مُسَافِر بڻيا.[2]

## ڪرد قوم اسلام قبولي ورتو

هڪ ڀيري سرڪارِ بغداد، حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عِراق جي هڪ علائقي ڪُردِستان ۾ نيڪي جي دعوت جي لاءِ تشريف وٺي ويا، پاڻ سان گڏ ڪجھ مُرِيد بہ هئا، اهو سجو علائقو لکين ماڻهن تي مشتمل هو ۽ اهي سيئي غير مسلم هئا، طبيعت جي لحاظ کان بہ اها قوم گهٽي سخت هئي، سرڪار غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪرد قوم جي مرڪز پهتا ۽ اُنهن جي وڏن وڏن سردارن کي اسلام جي دعوت ڏني. سندن نيڪي جي دعوت ٻڌي ڪرد قوم جو هڪ وڏو عالِم اڳتي آيو، اهو شخص ڪجھ عرصو بغداد ۽ مِصر ۾ رهي چُڪو هو، ان مسلمان عالم سڳورن کان ڪجھ حديثون بہ ٻڌيون هيون، اهو شخص حُضُور غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي چوڻ لڳو: ڇا اوهان جي نبي (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو اهو فرمان آهي تہ "منهنجي اُمَّت جا عالم بني اسرائيل جي نبين جيان آهن" (يعني جهڙي طرح بني اسرائيل جا انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام نيڪي جي دعوت کي عام ڪندا ها، هن اُمّت جا عالم اهڙي طرح نيڪي جي دعوت عام ڪندا).

حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان شخص جي ڳالھ ٻڌي فرمايائون: ڇا توهان کي هن باري ۾ ڪو شڪ آهي؟ ان چيو: حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام بني اسرائيل جا نبي

---

[1]...قلائد الجواہر، صفحہ:93۔

[2]...قلائد الجواہر، صفحہ:96۔

آهن، ڪين الله پاڪ اهو معجزو ڏنو هو جو اهي مُردن کي زِنده ڪندا هئا، اوهان هن اُمّت جي عالمن مان آهيو، اسان تہ اوهان جي ڳالهہ تڏهن مڃنداسين جڏهن اوهان بہ مُردن کي زِنده ڪري ڏيکاريو. حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نهايت اطمينان سان فرمايائون: هن ۾ ڪا مشڪل ناهي، توهان ڪهڙي مردي کي زِنده ڏسڻ چاهيو ٿا؟

پوءِ ڪرد قوم جا سردار حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ويجهو هڪ قبرستان ڏانهن وٺي ويا ۽ هڪ تمام پُراڻي قبر ڏانهن اشارو ڪري چيائون: هن مردي کي زِنده ڏسڻ چاهيون ٿا. حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان قبر وٽ وڃي فرمايائون: قُمْ بِاِذْنِ الله يعني الله پاڪ جي حڪم سان اُٿي بيهہ! بَس غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ايترو فرمائڻ هو جو قبر ڪلي پئي ۽ مردو مٿو ٻاهر ڪڍي بيهي رهيو. ان پهريان حضور غوثِ پاڪ کي سلام عرض ڪيو، پوءِ پڇيائين: ڇا قيامت قائِم ٿي وئي؟ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: نہ، قيامت قائِم ناهي ٿي. تون هنن ماڻهن کي ٻڌاءِ تہ تون ڪهڙي دَور جو آهين؟ ان چيو: مان حضرت دانيال عَلَيْهِ السَّلام جي وقت جو آهيان ۽ ان جي ڏِين تي مون کي موت آيو.

پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي فرمايو: توهان واپس قبر ۾ هليا وڃو! توهان کي قيامت تائين اتي رهڻو آهي. ڪرد قوم جا سردار پنهنجي اکين سان اهو سمورو منظر ڏسي رهيا هئا ۽ ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا، سندن اها زِنده ڪرامت ڏسي تمام سردار ۽ اُنهن جي قوم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي وئي.[(1)]

| | |
|---|---|
| قلبِ مردہ کو بھی ٹھوکر سے جِلا دو مرشِد | تم نے ٹھوکر سے ہے مرِدوں کو جِلایا یاغوث! |
| آفتوں میں ہوں گرفتار، مدد کو آؤ | آہ! دُنیا کے غموں نے ہے ستایا یاغوث! |
| میں جہنّم میں نہ اب جاؤں گا اِنْ شَآءَ الله | رہنما تم کو جو میں نے ہے بنایا یاغوث! |

[1]...حيات المعظم، صفحہ:152-154خلاصةً۔

اي عاشقانِ غوثِ پاڪ! اھا آھي حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي تَوَجّہ، سندن نِگاھِ ڪرم ۾ ڪرامتن جو فيضان، جو پاڻ ڪرد قوم ڏانھن توجھ فرمائي انھن کي نيڪي جي دعوت ڏني ۾ اسلام جي سچائي جو عملي ثبوت ڏئي سيني کي ڪلمو پڙھائي مسلمان ڪري ڇڏيو. ھاڻي ٻڌو الله پاڪ جو فرمان:

وَّالنّٰشِرٰتِ نَشْرًا ﴿۳﴾ (پاره29،سورۂ مرسلات:3) | ترجمو: ۽ خوب پکيڙڻ وارين جو.

يعني اَولياءِ ڪرام اھي آھن جيڪي اسلام جو پرچم بلند ڪن ٿا، جنھن پاسي توجھ ڪن تہ حق جو مان مٿي ڪن ٿا ۽ دُنيا ۾ اسلام کي خوب ڦھلائن ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شيطاني وسوسن جي ڪاٽ

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪي ماڻھو اَولياءِ ڪرام جون اھڙيون ڪرامتون ٻڌي مختلف شيطاني وسوسن جو شِڪار ٿي ويندا آھن، مثال طور اھو ڪيئن ٿي سگھي ٿو؟زِندہ ڪرڻ ۽ موت ڏيڻ تہ الله پاڪ جي اختيار ۾ آھي، ھڪ انسان ڪيئن مردا زِندہ ڪري سگھي ٿو؟ جيڪو ھڪ ڀيري موت جو شڪار ٿيو، ان جو ٻيھر دنيا ۾ اچڻ، زِندہ ٿيڻ ممڪن ئي نہ آھي؟

انھن سيني وسوسن جو ھڪ ئي جواب آھي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَمَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿۲۰﴾ (پاره:15،سورۂ بني اسرائيل:20) | ترجمو: ۽ تنھنجي رب جي عطا تي ڪا پابندي نہ آھي.

معلوم ٿيو الله پاڪ جي عطا ۾ ڪا رَوڪ ناھي، الله پاڪ جنھن کي جيترو چاھي عطا فرمائي، جيڪو چاھي عطا فرمائي. جيڪڏھن الله پاڪ

پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي مُردَا زِنده ڪرڻ جي طاقت عطا ڪري ٿو ته ڪنهن جي ڇا مجال جو الله پاڪ تي اعتراض ڪري. الحمدلله! اسان جو اهو ئي عقيدو آهي ته الله پاڪ جي عطا جي بغير، پنهنجي ذاتي طاقت سان مُردا زِنده ڪرڻ ته رهيو پري، ڪو هڪ ڪک به نٿو چوري سگهي، ۽ الله پاڪ طاقت بخشي ته انسان مردا به زِنده ڪري سگهي ٿو. الحمد لله! حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي الله پاڪ ئي اها طاقت بخشي هئي جو پاڻ مُردا زِنده ڪندا ها. هاڻي ڪو آهي جيڪو الله پاڪ جي عطا تي اعتراض ڪري سگهي؟

## نيڪ شخص جي ڳئونءَ جي برڪت

ڏسو! الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ بني اسرائيل جي هڪ ڳئون جو ذِڪر ڪيو آهي، قرآنِ ڪريم جي ٻي ۽ سڀ کان وڏي سُورت ”سوره بقره“ کي سُوره بقره ان ڳئون واري واقعي جي نسبت سان چيو ويندو آهي. واقعي جو خُلاصو اهو آهي ته بني اسرائيل ۾ هڪ شخص قتل ٿي ويو، اها خبر نه هئي ته قاتِل ڪير آهي، بني اسرائيل حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهه ۾ حاضِر ٿيا، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي حڪم سان فرمايائون: هڪ ڳئون ذبح ڪيو! پوءِ بني اسرائيل کي ان ڳئون جون وصفون ٻڌايون ويون. مثال طور اها ڳئون پيلي رنگ جي آهي، اُن جي جسم تي ڪو داغ نه آهي، نه پوڙهي آهي، نه جوان آهي بلڪ وچين عمر جي آهي وغيره. بني اسرائيل اهڙي ڳئون جي تلاش شروع ڪئي، آخر الله پاڪ جي هڪ نيڪ ۽ پنهنجي والده جي فرمانبردار شخص وٽ اهڙي ڳئون ملي، بني اسرائيل ان کي ذبح ڪيو، هاڻي بني اسرائيل کي حڪم ٿيو:

| | |
|---|---|
| فَقُلْنَا اضْرِبُوْهُ بِبَعْضِهَا ؕ<br>(پاره:1،سورة البقرة:73) | ترجمو ڪنزُ الايمان: پوءِ اسان فرمايو: ان مقتول کي ان ڳئونءَ جو هڪ ٽڪرو هڻو. |

پوءِ اللّٰه پاڪ جي حڪم سان ان ذبح ٿيل ڳئون جي گوشت جو هڪ ٽڪرو قتل ٿيڻ واري کي لڳايو تہ اهو زِنده ٿي ويو ۽ ان پنهنجي قاتِل جو نالو بہ ٻڌائي ڇڏيو.

ڏسو! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي اُمَّت جي هڪ نيڪ شخص جي ڳئون جي جسم جو هڪ ٽڪرو لڳائڻ سان مُردو زِنده ٿي ويو ۽ اها ڳالھ ڪتي بيان ٿي؟ قرآنِ ڪريم ۾. هاڻي غور ڪيو! جڏهن موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي اُمَّت جي هڪ نيڪ شخص جي ڳئون جي گوشت جو هڪ ٽُڪرو لڳڻ سان مُردَه زِنده ٿي سگهي ٿو تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي آقا، يعني حضرت مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمَّت جي نهايت نيڪ بزرگ، سلطان الاوليا يعني حُضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي دُعا سان مُردا زِنده نٿا ٿي سگهن؟ ٿي سگهن ٿا، يقيناً ٿي سگهن ٿا، بلڪ ٿيا بہ آهن ۽ مُردن کي زِنده ٿيندي ڏسي ماڻهن ڪلمو بہ پڙهيو آهي ۽ اهو سڀ ڇا آهي؟ اللّٰه پاڪ جي عطا آهي.

بندہ قادر کا بھی قادر بھی ہے عبدالقادر | سرِّ باطن بھی ہے ظاہر بھی ہے عبدالقادر
مفتیٔ شرع بھی ہے، قاضیٔ ملت بھی ہے | علمِ اَسرار سے ماہر بھی ہے عبد القادر
ذی تصرُّف بھی ہے ماذون بھی مختار بھی ہے | کارِ عالم کا مدبِّر بھی ہے عبدالقادر(1)

وضاحت: اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عَبدُ القادِر آهن يعني قُدرتن واري رَبّ ڪريم جا ٻانها آهن، اللّٰه پاڪ کين قُدرت عطا فرمائي آهي، پاڻ ظاهر و باطِن جا رازدار آهن، شريعت جا مفتي بہ آهن، مِلّت جا قاضِي بہ آهن، باطني عُلُوم جا ماهر بہ آهن، اللّٰه پاڪ کين اختيارات عطا فرمايا آهن، کين زماني جي تَدبِير جي اجازت بہ عطا ڪئي وئي آهي.

1…حدائق بخشش، صفحہ:69ملتقطاً۔

## (3): نِگاهِ غوثِ پاڪ ۾ حق و باطِل ۾ فرق

سوره ۽ مرسلات ۾ وڏيڪ ارشاد ٿيو:

فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ﴿۴﴾ (پاره29،سورة مرسلات:4)

ترجمو: پوءِ خوب جدا ڪرڻ وارين جو.

هن آيت جي هڪ معني اسان ٻڌي ته اَولياءِ ڪرام حق ۽ باطِل ۾ فرق ڪرڻ وارا هوندا آهن. هاڻي اچو! هن باري ۾ سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرتِ پاڪ ٻڌون ٿا:

## بدمذهبن توبہ ڪري ورتي

شيخ ابو الحسن قرشي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: 559 هجري جو واقعو آهي ته بدمذهبن جي هڪ وڏي جماعت حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضِر ٿي، اُنهن وٽ ٻه ٽوڪرا هئا، جن جو منهن بند هو، اُن بدمذهبن سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو: ٻڌايو! هنن ٽوڪرن ۾ ڇا آهي؟ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي بصيرت (يعني باطني نِگاهه، دِل جي نُور) سان ڄاڻي ورتو ۽ هڪ ٽوڪري تي هٿ رکي فرمايائون: هن ۾ هڪ اپاهج (يعني معذور) ٻار آهي. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي شهزادي حضرت عبد الرزاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرمايو: هن ٽوڪري جو منهن کوليو! ٽوڪري جو منهن کوليو ويو ته ان ۾ واقعي معذور ٻار هو، سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ٻار تي پنهنجو هٿ مبارڪ رکي فرمايائون: قُمْ بِاِذْنِ الله! الله پاڪ جي حڪم سان اُٿي بيهه...! ايترو فرمائڻ هو جو ان ٻار جي معذوري نيڪ ٿي وئي ۽ هو صحيح سلامت اُٿي بيهي رهيو، هاڻي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻي ٽوڪري تي هٿ رکي فرمايائون: هن ۾ تندرست ٻار آهي. جڏهن ٽوڪرو کوليو ويو ته ان ۾ واقعي تندرست ٻار هو، شهنشاهِ بغداد حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اها زِنده ڪرامت ڏسي انهن تمام بدمذهبن

پنهنجن بُرن عقيدن کان توبہ ڪئي ۽ سچا عاشِقانِ رسول بڻجي ويا.[1]

ایمان اس کا بچ گیا شیطان سے، جو تیرے | ہے سلسلے میں آ گیا بغداد والے مرشد[2]

## غير مسلم ڪلمو پڙهي ورتو

منقول آهي تہ هڪ ڏينهن شهنشاهِ بغداد، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪنهن پاڙي مان لنگهي رهيا هئا، پاڻ ڏٺائون: هڪ مسلمان ۽ غير مسلم پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن، غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اُنهن جو جهيڙو ختم ڪرائڻ جي لاءِ اُنهن جي ويجهو ويا ۽ پڇيائون: ڇو وڙهي رهيا آهيو؟ مسلمان عرض ڪيو: عالي جاه! اهو غير مسلم چوي ٿو تہ اسان جا نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام توهان جي نبي حضرت مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اَفضل آهن ۽ مان چوان ٿو تہ اسان جا نبي حضرت مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم افضل آهن.

اهو ٻڌي حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه غير مسلم کي فرمايو: توهان وٽ هن ڳالھ جو ڪهڙو دليل آهي تہ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اسان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اَفضَل آهن؟ عيسائي چيو: اسان جا نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام مُردن کي زِنده ڪندا ها. ان تي سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مان نبي تہ نہ آهيان، البت جيڪڏهن مان بہ مرده زِنده ڪيان تہ ڇا توهان اسان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندؤ؟ عيسائي چيو: ها، مان مسلمان ٿي ويندس.

هاڻي سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان غير مسلم کي گڏ وٺي قبرستان ويا ۽ فرمايائون: ٻڌائو! ڪنهن کي زِنده ڪرڻو آهي؟ اُن غير مسلم هڪ پُراڻي قبر ڏانهن اشارو ڪيو، هاڻي حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اُن قبر جي ويجهو ويا، ان

---

[1]...قلائد الجواهر، صفحہ:137-138۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:546۔

تي نِگاھ وڌي ۽ فرمايائون: قُمْ بِاِذْنِي! منهنجي حڪم سان اُٿي وڃو. بَس ايترو چيائون تہ قبر کلي ۽ مُردو زِنده ٿي ٻيهي رهيو. سرڪارِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اها زِنده ڪرامت ڏسي ان غير مسلم جي دِل ۾ ايمان جو نُور رَوشن ٿي ويو ۽ اهو ڪلمو پڙهي هڪدم ئي مسلمان ٿي ويو.[1]

| | |
|---|---|
| عیسیٰ کے معجزوں نے مردے جِلا دیئے ہیں | مُحَمَّد کے معجزوں نے مسیحا بنا دیئے ہیں |

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقان غوث پاڪ! ڏٺو اوهان! هڪ خالِص علمي مسئلو جنهن جي باري ۾ اهو مسلمان ۽ غير مسلم وڙهي رهيا هئا، سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪرامت ڏيکاري اهو واضح ڪري ڇڏيو تہ اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام نبين کان، تمام رسولن کان اَفضَل ۽ اعليٰ آهن.

| | |
|---|---|
| خلق سے اَولیاء، اَولیا سے رُسُل | اور رسولوں سے اعلیٰ ہمارا نبی (2) |

هتي اها ڳالھ ذِهن نشين رهي تہ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام مخلوق ۾ سڀ کان اَفضَل ۽ اعليٰ آهن ۽ نبي هئڻ جي اعتبار سان تمام انبيا برابر آهن، البت انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا پاڻ ۾ مختلف درجا آهن، اهي پاڻ ۾ هڪ ٻي تي فضيلت رکن ٿا ۽ اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام نبين کان اَفضَل آهن. الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۘ مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَ رَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ | ترجمو: هي رسول آهن اسان انهن مان هڪڙن کي ٻين تي فضيلت ڏني، انهن مان ڪنهن سان الله |

[1]…حيات المعظم، صفحہ:174۔

[2]…حدائق بخشش، صفحہ:138۔

(پاره3،سورةالبقرة:253)

کلام فرمايو ۽ کو اهو آهي جنهن کي سيني تي بلند درجا عطا کيائين.

هن آيت ۾ ٻڌايو ويو ته انبياءِ کرام عَلَيْهِمُ السَّلَام پاڻ ۾ هڪ ٻي تي فضيلت رکن ٿا. تفسير صراط الجنان ۾ آهي: نبي هئڻ ۾ سمورا نبي سڳورا عَلَيْهِمُ السَّلَام برابر آهن، اصلِ نبوت ۾ انهن جي وچ ۾ فرق نه آهي. البت انهن جا مرتبا جدا آهن، خصائص ۽ ڪمالات ۾ فرق آهي، انهن جا درجا مختلف آهن، ڪجهه ڪان اعليٰ آهن ۽ اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سڀ ڪان اعليٰ آهن.[1]

سب سے اولیٰ و اعلیٰ ہمارا نبی | سب سے بالا و والا ہمارا نبی
ملک کونین میں انبیا تاجدار | تاجداروں کا آقا ہمارا نبی
انبیا سے کروں عرض کیوں مالکو! | کیا نبی ہے ہمارا تمہارا نبی (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4): نگاهه غوثِ پاڪ ۽ دِل ۾ ذِڪر پيدا ٿيڻ

سيپاري: 29، سوره مرسلات جي پنجين آيت ۾ ارشاد آهي:

فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ۝

ترجمو: پوءِ ذڪر جو القاء ڪرڻ وارين جو.

هن آيت جي معني اسان ٻڌي ته اَولياءِ ڪرام ماڻهن جي دِلين ۾ ذِڪر جو شوق پيدا ڪن ٿا يعني اَولياءِ ڪرام جي صحبت ۾ ويهڻ سان، انهن جي نگاهه

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:3، سورةالبقرة، زيرِ آيت:253، جلد:1، صفحه:379-380.

[2]...حدائق بخشش، صفحه:138-140ملتقطاً.

ڪرم سان، انهن جي تَوَجُّه فرمائڻ سان دِل ۾ نُورِ ايمان وڌي ويندو آهي، ايمان جي مناڻ نصيب ٿيندي آهي، عِبَادت ۾ دِل لڳي ويندي آهي، دِل مان گُنَاهن جو مَر ختم ٿي ويندو آهي، دِل ذِڪر و فِڪر ۾ مصروف ٿي اللّٰه پاڪ جي ياد سان آباد ٿِي ويندي آهي.

## شيخ شهاب الدين سهروردي جو واقعو

سلسلي سهرورديہ جا عظيم پيشوا شيخ شهاب الدين سهروردي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جواني جي ڏينهن ۾ مون کي عِلمِ ڪلام جو تمام گهڻو شوق هو، مون ان فن جي ڪوڙ ڪتابن کي حفظ ڪيو هو. منهنجو چاچو مون کي اهو عِلم پڙهڻ کان منع ڪندو هو پر مون کي اهو عِلم گهڻو محبوب هو، لهٰذا مان ان عِلم جا ڪتاب پڙهڻ کان نہ مُڙيس.

عِلمِ ڪلام جي وضاحت: عِلم ڪلام عقائِد بابت عِلم کي چوندا آهن، ان عِلم ۾ اسلام جي ۽ ٻين مذهبن جي عقيدن جي باري ۾ بحث ڪئي ويندي آهي، عِلمِ ڪلام سنو عِلم آهي بلڪ هڪ حَد تائين عِلمِ ڪلام سکڻ تہ فرض عُلُوم ۾ شامِل آهي، البتہ هن عِلم ۾ حَد کان وڌيڪ مصروف ٿيڻ ۾ خطرو آهي، ڪڏهن ماڻهو ان عِلم ۾ گهڻو مصروف ٿيڻ جي ڪري بدمذهبي بلڪ ڪنهن پيري ڪفر جو بہ شِڪار ٿي ويندو آهي.

خير! شيخ شهابُ الدين سهروردي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن منهنجو چاچو مون کي حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خِدمت ۾ وٺي ويو. چاچي مون ڏانهن اشارو ڪندي عرض ڪيو: حُضُور! هي منهنجو ڀائٽيو عمر آهي، هي عِلمِ ڪلام جا ڪتاب پڙهندو رهي ٿو، مون ان کي منع بہ ڪيو پر هي مڙي نٿو. چاچي جي ڳالھ ٻڌي سرڪار غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه مون ڏانهن متوجه ٿيندي فرمايو: اوهان عِلمِ ڪلام جا ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب حِفظ ڪيا آهن؟ مون ڪتابن جا نالا ٻڌايا.

هاڻي سرڪار غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منهنجي سيني تي هٿ ڦيريائون تہ مون کي عِلم ڪلام جون ڳالهيون ائين وسري ويون جيئن ڪڏهن ياد ئي نہ هيون. الله پاڪ جو قسم! حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هٿ ڦيري نہ صِرف عِلمِ ڪلام کان منهنجو سينو خالي ڪري ڇڏيو بلڪ منهنجي سيني کي عِلمِ لَدُنّي (يعني الله پاڪ جي عطا ڪيل خاص عِلم) سان پري ڇڏيو.

اي عاشقانِ غوثِ پاڪ! اهو آهي:

| | |
|---|---|
| فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ۝ | ترجمو: پوءِ ذڪر جو القاء ڪرڻ وارين جو، |

يعني اَولياءِ ڪرام جون جماعتون دِلين ۾ ذِڪر و فِڪر وجهن ٿيون.

جو ولی قبل تھے یا بعد ہوئے یا ہوں گے | سب ادب رکھتے ہیں دِل میں مرے آقا تیرا
مزرعِ چشت و بخارا و عراق و اجمیر | کون سی کشت پہ برسا نہیں جھالا تیرا[1]

**وضاحت:** اي منهنجا آقا غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه! جيڪي ولي اوهان کان پهريان گذريا يا جيڪي بعد ۾ قيامت تائين ٿيندا، سيئي اوهان جو اَدب ڪرڻ وارا آهن، چِشت، بُخارا، عراق، اجمير هر هنڌ اوهان جي فيض جي برسات وسي آهي، سيئي اوهان کان فيض وٺي رهيا آهن.

## جنهن جيڪو گهريو ان کي عطا ڪري ڇڏيو

شيخ محمد بِن محفوظ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي: هڪ ڀيري ڪوڙ مشائخ سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خِدمت ۾ حاضِر هئا، حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: پنهنجون پنهنجون حاجتون بيان ڪيو، جنهن کي جيڪو گهرجي، اهو ان کي ملندو.

1...حدائق بخشش، صفحہ:25-26۔

موقعو غنيمت سمجهي سيني مشائِخ پنهنجون پنهنجون حاجتون بيان ڪرڻ شروع ڪيون، ڪنهن عرض ڪيو: مان مُجَاهدي (يعني نيڪين ۾ خُوب ڪوشش ڪرڻ) جي طاقت چاهيان ٿو. ڪنهن عرض ڪيو: مان خوفِ خُدا جو طلب گار آهيان، ڪنهن عرض ڪيو: مان پنهنجي وقت کي محفوظ ڪرڻ (يعني ذِڪرُ الله ۾ مصروف رهڻ) چاهيان ٿو، ڪنهن عرض ڪيو: مان عِلم ۾ اِضافو چاهيان ٿو. شيخ خليل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عرض ڪيو: مان قُطب بڻجڻ چاهيان ٿو، شيخ ابو البرڪات رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عرض ڪيو: مان الله پاڪ جي محبت ۾ خوب اضافو چاهيان ٿو. شيخ ابو الفتوح رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عرض ڪيو: مان قرآنِ ڪريم جو ۽ حديثِ رسول جو حافِظ بڻجڻ چاهيان ٿو.

اهڙي نموني سيئي پنهنجون پنهنجون حاجتون بيان ڪندا ويا، جڏهن سيئي عرض ڪري چڪا تہ سرڪارِ غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمايو: اسان سيني جي حاجتن تي سيني جي مدد ڪيون ٿا.

شيخ اَبُو الخير رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: الله پاڪ جو قسم! ان مجلس ۾ جنهن جيڪو گهريو هو ان کي اهو ئي مليو. شيخ حضرمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جن قرآنِ پاڪ حِفظ ڪرڻ جي تمنا ڪئي هئي، الله پاڪ انهن کي توفيق عطا فرمائي ۽ انهن 6 مهينن ۾ پُورو قرآنِ ڪريم حفظ ڪري ورتو. اهڙي طرح شيخ جميل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عرض ڪيو هو تہ مان پنهنجي وقت کي محفوظ ڪرڻ (يعني هر وقت ذِڪرُ الله ۾ مصروف رهڻ) چاهيان ٿو، اهي ان درجي تي پهتا جو هر وقت تسبيح کڻي ذِڪرُ الله ۾ مَصرُوف رهندا هئا، ايستائين جو جڏهن قضاءِ حاجت جي لاءِ ويندا هئا تہ تسبيح هڪ پاسي لٽڪائي ڇڏيندا هئا ۽ اُن تسبيح جا داڻا خود بخود هلندا رهندا هئا.[1]

سُبحٰنَ الله! اهو آهي:

---

[1]...بَہۡجَۃُ الۡاَسۡرَار، صفحہ:98-102 خلاصۃً۔

| ترجمو: پوءِ ذکر جو القاء ڪرڻ وارين جو. | فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ۝٥ |
|---|---|

يعني اَولياءِ ڪرام جو اهو شان آهي جو ماڻهن جي دِلين ۾ ذِڪر وجهن ٿا.

| مَن کی مرادیں پا گیا بغداد والے مرشد (1) | در پر جو تیرے آ گیا بغداد والے مرشد |
|---|---|

## نِگاهِ غوثِ پاڪ حاصِل ڪرڻ جا طريقا

اي عاشقانِ رسول! اسان شهنشاهِ بغداد، حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي نگاهِ ڪرم، سندن روحاني توجهه ۽ نيڪي جي دعوت وغيره بابت ڪجهه برڪتون ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪئي. ياد رکو! اَولياءِ ڪرام دُنيا مان وڃڻ کان بعد به الحمد لله! پنهنجي غُلامن جي مدد ڪندا آهن، مشڪلاتون حل ڪندا آهن ۽ نگاهِ ڪرم فرمائيندا آهن ۽ اهو سڀ الله پاڪ جي عطا ڪيل طاقت سان ٿيندو آهي، نه ته الله پاڪ جي عطا کان بغير، پنهنجي ذاتي طاقت سان ته ڪو پَتو به نٿو چَوري سگهي.

### (۱):نمازِ غوثيه پڙهو...!

خير! مقصد اهو آهي ته اڄ به جيڪو سچّي دِل سان حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کان نگاهِ ڪرم جو فرياد ڪري ته حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ تَوَجُّه فرمائن ٿا. حضور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ڪنهن به مصيبت ۾ مون ڏانهن جنهن به فرياد ڪيو، اها مصيبت ٽري ويندي آهي، جنهن ڪنهن سختيءَ ۾ منهنجو نالو پُڪاريو اها سختي پري ٿيندي، جيڪو منهنجي وسيلي سان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پنهنجي حاجت پيش ڪري اها حاجت پوري ٿيندي. جيڪو

1 ...وسائلِ بخشش، صفحه:545.

شخص بہ رڪعتون نفل پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ اَلحَمد شريف (يعني سوره فاتحہ) کان بعد قُل هُوَ الله شريف (يعني سوره اِخلاص) يارهن يارهن ڀيرا پڙهي، سلام ورائڻ کان پوءِ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود و سلام موڪلي، پوءِ بغداد شريف جي طرف يارهن قدم هلي ڪري منهنجو نالو پُڪاري ۽ پنهنجي حاجت بيان ڪري تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! اها حاجت پوري ٿيندي.[1]

نوٽ: پاڪ ۽ هند ۾ بغداد شريف اولهہ ۽ اُتر جي تقريباً وچ ۾ آهي

هن نماز کي نمازِ غوثيہ ۽ صَلوٰةُ الْاَسْرار چيو ويندو آهي. حضرت عَلّامہ مُلّا علي قارِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون بار بار نمازِ غوثيہ جو تجربو ڪيو، بلڪل دُرُست نڪتو (يعني هر ڀيري منهنجو مقصد پُورو ٿيو).

حُسنِ نیّت ہو خطا پھر کبھی کرتا ہی نہیں | آزمایا ہے، یگانہ ہے دوگانہ تیرا[2]

وضاحت: اها ڳالهہ تجربہ شُده آهي تہ اِخلاص سان نمازِ غوثيہ پڙهي وڃي تہ ناڪامي ناهي ٿيندي بلڪ جنهن مقصد جي لاءِ پڙهي وڃي، اهو مقصد پُورو ٿيندو آهي.

## (۲):قصيده غَوثِيہ پڙهو...!

پيارا اسلامي ڀائرو! سرڪار غوثِ اعظم، شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي روحاني توجهہ، سندن ڪرم ڀري نگاهہ حاصِل ڪرڻ جو هڪ طريقو "قصيده غَوثِيہ" جو وِرد بہ آهي. عاشِقِ غوثِ اعظم، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قصيده غوثيہ جي باري ۾ فرمائن ٿا: اهو مبارڪ قصيدو حُضُور سيدنا غوثُ الأعظم، محبوبِ سبحاني، قطبِ رَبّاني، شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زبانِ فيض

[1]...جنات کا بادشاہ، صفحہ:6-7۔
[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:20۔

ترجمان مان ادا ٿيو آهي ۽ اسان جي سلسلي عاليہ قادريہ ۾ هن جو وِرد دولتِ ظاهري و باطني جي حصول جو سبب آهي. هن جا 28 شعر آهن. هن مبارڪ قصيدي جو روزانو وِرد تمام فائديمند آهي. هن مبارڪ قصيدي جو وِرد قوتِ حافِظہ کي وڌائي ٿو.

هن مبارڪ قصيدي کي پڙهڻ واري کي عربي پڙهڻ ۾ بصيرت حاصِل ٿيندي آهي. هر مشڪل ۽ سخت ڪم جي لاءِ 40 ڏينهن پڙهو. ان شآء اللّٰه الڪريم! ڪامياب ٿيندا. جيڪو شخص هن مبارڪ قصيدي کي پنهنجي سامهون رکي ۽ تي ڀيرا پڙهي تہ بارگاهِ غوثيت ۾ مقبول ٿيندو ۽ حضور سيدنا غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي زيارتِ فيض بشارت سان مشرف ٿيندو. ان شاء اللّٰه الڪريم!.

شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي خوبصُورت ۽ نهايت اَهم ڪتاب: مدني پنج سوره صفحي: 263 تي اهو قصيدو مبارڪ ڏنل آهي.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! دِل ۾ عشقِ رسول وڌائڻ، فيضانِ غوثِ پاڪ، فيضانِ داتا و خواجہ، فيضانِ اعليٰ حضرت، فيضانِ اوليا سان دامن ڀرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! ۽ دين و دُنيا جون ڀلائيون حاصِل ڪيو. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع بہ آهي.

اوهان بہ هر جمعرات تي پنهنجي علائقي ۾ ٿيندڙ هفتيوار اجتماع ۾ اَوَّل ڪان آخر شرڪت ڪيو! الحمد للّٰه! دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري اجتماعن تي بہ ڪيئي ڀيرا سرڪار غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪرم ڀري نگاهہ فرمائيندا آهن:

## نسخءِ بغدادي جي مدني بهار

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي:2003 جي سالانہ يارهين شريف جي موقعي تي دعوتِ اسلامي طرفان ڪورنگي ۾ ٿيندڙ اجتماع ذڪرو نعت ۾ حاضري جي سعادت نصيب ٿي، سُنّتن ڀري بيان دوران ”بغدادي نسخو“ ٻڌايو ويو، بيان کان بعد سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ ۾ بيعت ڪرائڻ جو سلسلو شروع ٿيو، ان دوران ويٺي ويٺي مون کي ننڊ اچي وئي، اکيون تہ ڇا بند ٿيون دل جون اکيون کلي ويون! مون ڏٺو تہ يارهين وارا پير غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جلوه فرما آهن ۽ انهن چادر ڦهلائي آهي، مون چادر پڪڙي ورتي تہ مون کي هيئن محسوس ٿيو جو ٻين ماڻهن بہ چادر پڪڙي آهي پر ڪو نظر نہ پيو اچي! مائيڪ مان ايندڙ آواز جي مطابق مون بيعت جا لفظ دُهرايا، جڏهن بيعت جو سلسلو ختم ٿيو مون همت ڪري دربارِ غوثيت ۾ عرض ڪيو: يا مرشد! منهنجي گهرواري اميد سان آهي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو چيو آهي. اوهان ڪرم ڪيو! ارشاد فرمايائون: جيڪو نسخہ بغدادي هينئر بيان ٿيو آهي ان جي مطابق عمل ڪيو، ۽ ٻڌو! اوهان جي گهر بغير آپريشن جي جاڙن ٻارن جي پيدائش ٿيندي، هڪ جو نالو حسّان ۽ ٻي جو نالو مشتاق رکجان، ٻنهي جي ڪنڌ تي منهنجو قدم هوندو، مون گهر پهچي نسخہ بغدادي جون يارهن ڪجورون ڪارايون، الحمدللہ! ڪجورون کائيندي ئي منهنجي گهرواري جي تڪليف پري ٿي وئي ۽ خدا جو قسم! منهنجي گهر ۾ بہ جاڙا ٻار پيدا ٿيا، تہ مون مرشد پاڪ جي فرمان مطابق هڪ جو نالو حسّان ۽ ٻي جو نالو مشتاق رکيو.

جو ڪوئی تیره بخت یہاں ہو گیا ہے حاضر | روشن نصیبہ پا گیا بغداد والے مرشد(1)

1•••وسائلِ بخشش، صفحہ:545۔

**وضاحت:** جيڪو بد نصيب سندن دربار تي حاضر ٿيو، پاڻ ان جي نصيب کي چمڪائي ڇڏيو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ تَمَسَّكَ بِسُنَّتِیْ عِنْدَ فَسَادِ اُمَّتِیْ فَلَهٗ اَجْرُ مِائَةِ شَهِيْدٍ يعني اُمت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي مضبوطي سان عمل ڪندو ان کي سو شهيدن جو ثواب ملندو.[1]

هر ڪام شريعت کے مطابِق میں کروں کاش! | یاربّ تو مبلغ مجھے سُنّت کا بنا دے[2]

## دعا گھرڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِن دعا مومن جو هٿيار آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! دعا گهرڻ سُنَّتِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ۞ اسان جا پيارا آقا، عالم جا داتا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان دعائون گهرندا ها ۞ ڪجھ مُحَدّث سڳورن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دُعائن جي حوالي سان پورا پورا ڪتاب لکيا آهن، مثال طور ماني کائڻ جي دُعا، پاڻي پيئڻ جي دُعا، سمهڻ وقت جي دُعا، ننڊ مان جاڳڻ وقت پڙهڻ جي دُعا،

---

1 ...زُہد کبیر، صفحہ:118، حدیث207۔

2 ...وسائل بخشش، صفحہ:115۔

3 ...مسند ابی یعلی، جلد:2، صفحہ:123، حدیث:1812۔

ڪير پيئڻ جي دُعا، ڪپڙو پائڻ جي دُعا. غرض اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزه مره جي ڪمن ڪان پهريان بہ دُعائون پڙهندا ها ۞ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا گهرندا ها:[1]

| | |
|---|---|
| رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً (پاره:2،سورة البقرة:202) | ترجمو ڪنزُالايمان: اي ربّ اسان جا! اسان کي دنيا ۾ بہ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ بہ ڀلائي ڏي. |

روز مره جون دُعائون سکڻ جي لاءِ مدني پنج سوره، صفحي: 182 کان 227. پڙهو، سنتون سکڻ جي لاءِ بهارِ شريعت، حصو: 16، ۽ اميرِ اهلسنت جو تمام ئي پيارو ڪتاب 550 سُنَّتون ۽ آداب جو مطالعو ڪيو.

[1]...بخاری، کتاب:الدعوات، صفحہ:1574، حدیث:6389۔